# پروفيسر نذير احمد سومرو

## نئون ديرو: نوان ۽ پراڻا ورق

### مائي نوران:

مائي نوران رنگ جي پوري، جسم ۾ گهٽي پريل هوندي هئي. سندس امتيازي نشان ٻہ هئا. هڪ: چيچ ۽ ٻاچ جي وچ ۾ سگريٽ يا بيڙيءَ جو هجڻ . ٻيو: مرداڻي انداز ۾ هوٽل جي ٻيرن کي گاريون ڏيڻ . ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن گهري واقفڪار کي (جنهن جي ڦٽندي هئي ۽ هوٽل وٽان گذرندو هو ) پري کان ئي سڏيندي گارين جي وٽ ڪرائي چڙيندي هئي. مائي نوران جي هوٽل تان ، برف ٻہ ملندي هئي . ان زماني ۾ ، نہ فرج هئي ۽ نہ وري کو ڊيپ فريزر جو رواج هو. سنڌي ڳوناٺا تہ برف واري پاڻيءَ تي، ڪنهن وڻ جي ڇانو ۾ پيل دلي، يا مٽيءَ جي پاڻي کي ترجيح ڏيندا هئا . ان وقت نئون ديرو ، هڪ ٻهراڙيءَ جيان هو . اتي هڪ هوٽل جي ڪائونٽر تي عورت جو ويهڻ ائين لڳندو هو، ڄڻ ڪا مارواڙڻ سينياڻي ، ممبئي شهر جي ڪنهن هوٽل تي ويٺي آهي . مان سمجهان ٿو تہ ان وقت ۽ هاڻي بہ ، سڄي سنڌ ۾ اهڙي ڪنهن هوٽل تي، مائي نوران پهرين عورت هئي، جيڪا هوٽل جي ڪائونٽر تي ويهي، هوٽل هلائيندي هئي. سندس وڏي ڪائونٽر تي جهازي سائيز جو ، مرفي (Murfi) ڪمپنيءَ جو ڊراءِ بيٽريءَ تي هلندڙ ريڊيو پيو هوندو هو . جنهن جي ايريل، اٽڪل 50 فوٽ فضا ۾ بلند ٿيل هوندي هئي . تڏهن ئي اهو ريڊيو ڪم ڪندو هو. نئون ديرو تہ ڇا پر سڄي سنڌ جي تاريخ ۾ ، هوٽل هلائڻ واري مائي نوران پهرين عورت هئي. ڪيس ڪوبہ نرينو اولاد ڪونہ ٿيو . فقط هڪ نياڻي هيس، جنهن جو نالو ارباب خاتون هو، سا بہ سندس وانگر جوانيءَ ۾ بيوهہ ٿي وئي. جنهن مان گليءَ نالي هڪ ڏهوٽو ڄاڻس.

گليءَ کي پڙهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيائين ۽ هن لاءِ فڪرمند پڻ هوندي هئي . سڄي اسڪول ۾ گلي ، ڪپڙين لٽين، ٻين ٻارن کان ممتاز نظر ايندو هو . پوري اسڪول جو گلي واحد شاگرد هو، جنهن جي قميص جا بٽڻ ۽ ڪفلنگ، سون جا نهيل هوندا هئا. مائي نوران ذات جي ميربحر هئي ۽ اصل پٽڻ وارن ٻرڙن جي هئي. اهو هوٽل پير علي حيدر شاهہ راشديءَ جو هيو، جنهن کان مائي نوران 480 روپين ۾ خريد ڪيو هو. پهرئين مڙس جي مرڻ کان پوءِ، خميسي لغاريءَ جي چاچي سان محبت ٿيس، جيڪا مرڻ تائين نڀايائين.

### وڏيرو جيئو ٻرڙو:

وچولي قد کان ٿورو مٿيرو، 5 والن وارو پٽڪو، ڊگهو ۽ سواءِ ڪالر جي پهراڻ ۽ هيٺ تي ورن وڪڙن سان سلوار، سنڌي اوائلي جتي ۽ بوڇڻ ڪلهي تي . هي هو وڏيرو جيئو ٻرڙو. جيڪو خانبهادر احمد خان ڀٽي جي بنگلي تي، سواءِ ڪنهن ناغي جي، ڪچهري ڪرڻ لاءِ، روزانو ڳوٺان گهوڙي تي چڙهي، ايندو هو. ڪيس 3 يا 4 سو جريب زمين هئي . جيڪا درياءُ پاڻي ويو. پر هي پوءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن سواريءَ تي نئون ديرو ايندو هو . آنڌي هجي يا طوفان، گرمي هجي يا سردي ، وڏيرو جيئو نئون ديرو ضرور ايندو هيو . نئون ديرو اچڻ کان پوءِ ، اول صبح جو ڏهين وڳي واري ٽرين جو انتظار ڪندو هو، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ اخبارون اينديون هيون . ان زماني ۾ سنڌيءَ ۾ فقط 3 اخبارون؛ عبرت، مهراڻ ۽ نواءِ سنڌ نڪرنديون هيون. جيئو، عبرت اخبار وٺندو هيو. جيئن تہ پاڻ صفا اڻ پڙهيل هو، ان ڪري اخبار کي ويڙهي سيڙهي، پهراڻ جي پاسي واري کيسي ۾ وجهندو هو . پوءِ پير ڳوٺ واري حڪيم ، حاجي محمد بخش قاضي مرحوم جي مطب خاني جيڪو گٽي واري چوڪ تي هيو ، تي پهچندو هيو. اتي ويٺل مريضن مان ڪنهن بہ پڙهيل لکيل کي اخبار ڏئي چوندو هي و: ”اخبار پڙهي ٻڌاءِ! پر اول ٻڌاءِ تہ صاحب ذوالفقار (ڀٽي صاحب کي هميشہ صاحب چئي، پوءِ سندس نالو ڪٽندو هو ) جو ڪو بيان بہ اٿس. جي اٿس تہ پهريان اهو پڙهي ٻڌاءِ..!“ ان زماني ۾ ڀٽو صاحب پاڪستان جو وزير خارجہ هيو . ڀٽي صاحب جو اتفاق سان ڪو فوٽو يا بيان ڪونہ هوندو هو تہ چوندو هو: ”مڙئي اخبار وارن بيان نہ لکيو (ڇاپيو) هوندو. نہ تہ خارج وزير (خارجہ

کي خارج چوندو هو) ۾ بيان ڪونہ....!!“

پاڪستان ٺھڻ کان پوءِ فورً ا بعد، لاڙڪاڻي ضلعي جو ڪليڪٽر انور عادل ٿي آيو . جيڪو ايوب کھڙي جو مائٽ هيو. ان جي مقرر ٿيڻ کان پوءِ ، نئون ديرو جي آس پاس چورين جو آزار وڌي ويو . وڏيرو جيئو، صبح جو 9 واري ريل ۾ ، لاڙڪاڻي پھتو ۽ سڌو ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ۾ ويو . ملندڙن جي لسٽ ۾ پنھنجو نالو لکرايائين. ڪجھ وقت کان پوءِ، انور عادل، ڪيس اندر گھرايو. انور عادل سنڌي ٻوليءَ جي الف ب کان بہ واقف ڪونہ هو. وڏيرو جيئن ئي ڪرسيءَ تي وينو تہ انور عادل پڇيس:

”هان ... وڈيرا کھو ڪيسي آنا هوا...؟“

وڏيري تہ اردو ئي ڦهريون ڀيرو ٻڌي هئي. تنھن مڙئي ڏوَ تي سندس سوال سمجھي چيو:

”صاحب ... گھگھ (اوندھ) ٿي ويو.“

انور عادل اردو پڙهندڙ ۽ ڳالھائيندڙ هو. تنھن لفظ گھگھ ٻڌو تہ وائڙو ٿي پڇيائينس: ”ڪيا هوگيا...؟“

وڏيري جيئي .... جنھن جي هٿ ۾ لالٽين (فانوس) هيو، تنھن جي ڪلپ مٿي ڪري، ٺوڪي ڪٽي تيلي ٻاري. تڏهن انور عادل سمجھيو تہ گھگھ چا آهي.

ان وقت جو ڪليڪٽر، اڄ جي گورنر کان بہ وڌيڪ اختيارن جو مالڪ هو . پاڪستان بہ نئون نھيل هو، سو ڊي سي معنىٰ اڇي ۽ ڪاري جو مالڪ . مگر آفرين لائق هو وڏيرو جيئو، جنھن وقت جي بااختيار حاڪم جي منھن تي سچ چئي ڏنو.

پڇاڙيءَ ۾ بيمار ٿي پيو، ان ڪري نئون ديرو اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنائين. مگر پوءِ بہ اخبار صرف عبرت گھرائيندو هو. توڙي جو 70 واري ڏهاڪي ۾ ٻيون بہ اخبارون نڪرنديون هيون، مگر وڏيرو چوندو هو: ”اهي بہ ڪي اخبارون آهن... اخبار آهي تہ عبرت ٻيو سڀ ڪوڙ.“

ڪجھ سال ٿيا تہ هو هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

## ماڪوڙو ٻوئو:

پير ڳوٺ جي اولھ ۾، نئون شھر نالي هڪ ويران بستي آهي. مگر اٽڪل 75 سال اڳ، هن شھر ۾ وڏي رونق هئي. تقريبڻ ڳوٺ جا رهاڪو ، سونارا هوندا هئا . ہ تي گھر منگين جا بہ هوندا هئا . جيڪي ڀاڻ ڪي خبر ناهي تہ چو ٻوئو سڏرائيندا هئا. (جيڪي حجم يا منگي، ختنو يا طوهر بہ ڪندا آهن، تن ڪي اتر سنڌ ۾ ٻوئو سڏيو ويندو آهي: مرتب) انھن ٻوئن مان هڪڙو ڪردار ماڪوڙي ٻوئي جو بہ آهي. جيڪو ڪم مھوسين ۽ سنياسين جو آهي، اهو ڪم هي ڪندو هو . ڀاڻ ڪي جراح حڪيم سمجھندو هو . گشتي دواخانو سدائين ساڻ هوندو هئس . هر ميلي ملاکڙي يا بس اسٽينڊ ۽ ريلوي اسٽيشن وٽ يا ماڻھن جي گڏرگاهہ وٽ ، پنھنجو گشتي دواخانو ، کولي ماڻھن کي پاڻ ڏانھن متوجھ ڪري، دوائون کپائيندو هو.

چون ٿا: ”حڪيم پورل شاھ پيرڳوٺ واري حڪيم جو ٻڌايل ڀاري مارڻ وارو نسخو ، ماڪوڙي ٻوئو وٽ هيو. جنھن ڪري سندس دوائون نيڪال ٿينديون هيون“.

تڪ بند مزاحيہ شاعر بہ هو. پنھنجي ڳوٺ جي سونارن بابت هڪڙو سندس نظم بہ لکيل آهي. ان نظم جو بند هن ريت آهي:

”نئين شـــھر ۾ نـــور چتو تيـــو، ڪاڏائين سڀ سونارا،
تاجوءَ ڪي ڏسي هٽ ڪوندا، ڀڄو سڀ هاٽي يڪتارا.“

ڪيس هڪ پٽ الله بخش نالي هيو، جيڪو ڪنھن اسڪولي استاد جي مار کان پوءِ صفا گھل ٻوڙو ٿي پيو. پٽ جي ان صدمي جي ڪري، ماڪوڙو ٻوئو بہ ڏينھ ون ڏينھن جھرندو ويو.

ماڪوڙو 1970ع ۾ نئين شھر ۾ گذاري ويو. سندس اولاد خيرپور ميرس ضلعي جي مشھور شھر پرياوءِ (پرين جي لوءِ) ۾ حجامڪو ڪم ڪري زندگي گذاري ٿو.

## مندم عيسائڻ:

نئون ديرو شهر جي پراڻن واسين کي بہ هن عورت جي نالي جي پوري ڄاڻ ڪانهي . جيڪڏهن ڪانئن پڇبو: "ڏيو خبر، توهان مندم ڏٺي؟"

يڪدم چوندا: "هوءَ ڊاڪٽرياڻي..."!!

سندس پورو نالو تہ الائي ڇا هيو ؟ مگر، پاڻ کي ايچ وي حَسن سڏرائيندي ۽ لکندي هئي . هئي تہ الائجي ڪٿان جي؟ مگر نئون ديري جو آئي تہ ن ئون ديري جي ٿي وئي . اصل ۾ نرس جو ڪورس پاس ٿيل هيس ۽ عيسائي مذهب سان تعلق رکندڙ هئي. نئون ديرو ۾ واحد بخش پٽو مئٽرنٽي هوم (ويم گهر) جي انچارج ۽ ضلع ڪائونسل لاڙڪاڻو جي ماتحت هلندڙ اسپتال جي، جيڪا سبزي مارڪيٽ جي پرسان هوندي هئي ، انچارج ٿي آئي تہ مندم سڏي وئي.

ڪيس بہ ڊيئر ۽ هڪ پٽ ائيزڪ نالي هئا. وچولي قد جي ٿلهي ۽ ڪٽڪ رنگي هئي . ساڙهي سندس امتيازي نشان هئي. ساڙهي هميشہ اڇن ۽ ڳاڙهن پٽن سان پائيندي هئي . سندس ذاتي ملڪيت ، محترم منٺار سولنگيءَ جي گهر واريءَ جاءِ جي اتر ۾ نهيل جايون هيون، جتي سندس گهر ۽ رٽائرمينٽ کان پوءِ نهيل ڪلينڪ هئي. ڪلينڪ واري جاءِ تي هاڻي يونائيٽڊ بئنڪ نهيل آهي . نئون ديرو ۾ رهڻ دوران مندم پنهنجي ڀنهي ڊيئرن جي شادي ڪرائي ڇڏي. جن مان هڪ ڌيءُ لاڙڪاڻي جي مشهور پامسٽ ۽ وڪيل ممتاز جعفريءَ سان پرڻايائين ۽ ٻي ڌيءُ، ڪراچيءَ ۾ پنهنجي مڙس جي عزيزن ۾ پرڻائي ڏنائين.

پاڪستان جو مشهور ڳائڻو ايس- بي- جان جنهن جي شهرت هن مشهور غزل جي ڪري ٿي:

"تو جو نہيں، تو ڪچ ڀي نہيں ہي،
يہ مانا ڪہ محفل جوان ہي، حسين ہي."

اهو سندس ڀاٽيجو هو.

مندم آخر وقت تائين نئون ديرو کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئي . ائيزڪ، سڪيلڊي پٽ، انگل ڪيس تہ ڪراچي هلون. انهي ئي مجبوريءَ ڪري، هوءَ پنهنجي جگر گوشي جي ڇيچ وٺي ، نئون ديرو مان هميشہ لاءِ نڪري وئي . اڄ يو. بي. ايل جي عمارت جون گونگيون پٽيون ۽ هي گهٽيون ٻڌائي نہ سگهنديون تہ ڪڏهن ڪنهن مندم جو يا ائيزڪ جو يا ايس. بي. جان جو ڪو نئون ديرو مان گذر ٿيو هو يا انهن جا هتي ڪي ٿهڪ بہ ٻڌبا ها.

## سائين لال خان

هي شخص بہ ٻاهريون هو . سندس ڳوٺ جهلم ضلعي ۾ هو . هي فوج مان صوبيدار ٿي پينشن تي لهي آيو هو. 1958ع واري مارشل لا ۾ جڏهن اسڪولن ۾ پريڊ جو حڪم آيو ، تڏهن اسڪولن ۾ ڊرل ماسٽر رکيا ويا . سائين لال خان جو پڪو نئون ديرو لاءِ نڪتو . ڇهن فوٽن کان بہ ڊگهو، ٻت ۾ پريل ۽ ڪسرتي جسم وارو هي انسان، جڏهن پنهنجي سيني تي تمغا سجائي ڪلاس ۾ ايندو هو تہ محسوس ٿيندو هو تہ جڻ ڪو ڪلاس ۾ واقعي جنرل آيو هجي . چاڪاڻ تہ سائين لال خان جي سيني تي ، دل واري حصي جي مٿان ، انيڪ ملٽري بيج ۽ تمغا سجايل هوندا هئا. جڏهن هلندو هو، تڏهن اهي ٿامي ۽ پتل مان نهيل تمغا ، هڪ ٻئي سان لڳي ڇم ڇم جو آواز پيدا ڪندا هئا. تڏهن سائين لال خان جي لوڏ ڏسڻ وٽان هوندي هئي. شروعات ۾ چوندو هو: "چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل ايوب خان ، مونکي ڇئن خونن ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. مان ڪن بہ ڇئن ماڻهن کي ڇُوٽ ڪري سگهان ٿو ." سندس انهن لفظن تي اسين ويتر هيسجي ويندا هئاسين . ڪٿي واقعي گولي نہ هٽي وڃي.

محترم سائين ڪريم بخش کهڙو، ساڻس ڏاڍا پوڳ چرچا ڪندو هو . ان ڪري ان تي بہ گهٽو ڪاوڙيل هوندو هو. رٽائرمينٽ کان پوءِ بہ ، کهڙا محلي ۾ جاءِ خريد ڪري هتئون جو ٿي ويو . پوءِ پنهنجي جاتي عنايت عليءَ کي بہ نئون ديرو هاءِ اسڪول ۾ عربي ٽيچر ڪرايائين . سائين لال خان پنهنجي نياڻي ۽ زال سميت هتي رهندو هو.

خبر ناهي ڪهڙي ڳالهه تان ، پنهنجي نائي عنايت سان ناراض ٿي واپس جهلم هليو ويو . جتي ڪجهه سالن ڪانپوءِ گذاري ويو.

## خانو ٽپالي

نئون ديرو ۾ پوسٽ آفيس 1933ع ۾ قائم ٿي . ان ۾ پهريون ٽپالي، نَنديا موهل جو ميربحر خان محمد نالي مقرر ٿيو. بندري قد ۽ هلڪي بت واري خان محمد کي سڄي زندگي ڪنهن به ماٺهوءَ، گرميءَ توڙي سرديءَ ۾، بنا ڊريس جي نه ڏٺو . سندس ڊريس ۾ لڳل بٽڻن تي امانت ۽ ديانت لکيل هوندو هو . سونپيل ڪم تي اهڙو سچو هيو جو پيءُ جو خط پٽ کي ۽ پاءُ جو خط ٻئي پاءُ کي ڪو نه ڏيندو هو . خانو ٽپالي اهڙو مشهور ٿيو جو، ڪو راز جي ڳالهه کولي وجهندو هيو يا ٻن- ويڙهائو کي به ٺوڪ طور چيو ويندو هيو ؛ ”ها خانو ٽپالي، ٽپال پهچائيي....“!! يا وري هيئن چئبو هيو: ”فلاڻو..... اهو خانو ٽپاليءَ کي به ماري ويو.“

خان محمد ٽپالي، سڄي عمر مجرد رهيو. پنهنجي ڀاءُ خيالي مير بحر جي اولاد تي ساهه ڇڏيندو هو. جنهن جو اولاد اڄ به ننديا موهل ۾ مڇي وڪڻي گذارو ڪري ٿو.

خان محمد ٽپاليءَ کي ماٺهو گورو به سڏيندا هئا. چاڪاڻ ته ڪلين شيو هوندو هو ۽ مٿو به ڪوڙيل هوندو هيس. رٽائرمينٽ ڪانپوءِ، بلند جي هوٽل جي بيراگيري (هوٽل ڪان ٻاهر چانهن پهچائڻ) ڪندو هيو.